# سنڌ ايڪٽ نمبر VI مجريہ 1992
# SINDH ACT NO.VI OF 1992
# همدرد يونيورسٽي ڪراچي ايڪٽ، 1991
## THE HAMDARD UNIVERSITY KARACHI ACT, 1991
## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

باب ـII

يونيورسٽي

3. يونيورسٽي جو قيام ۽ هيئت
Establishment and incorporation of the University

4. يونيورسٽي سڀني لاءِ کليل هوندي
The University shall be open to all

5. يونيورسٽي جا اختيار ۽ ڪم
Powers and Functions of the University

باب ـIII

يونيورسٽي جا عملدار

6. يونيورسٽي جا عملدار
Officers of the University

7. سرپرست

The Patron

8. چانسيلر

The Chancellor

9. معائنو

Visitation

10. وائيس چانسيلر

The Vice chancellor

## باب ـ IV

## يونيورسٽي جون اختياريون

11. اٿارٽيز

Authorities

12. بورڊ آف گورنرس

Board of Governors

13. بورڊ جا اختيار ۽ ڪم

Powers and Functions of the Board

14. بورڊ جي گڏجاڻي

Meeting of the Board

15. اڪيڊمڪ ڪائونسل

Academic Council

16. اڪيڊمڪ ڪائونسل جا اختيار ۽ ذميواريون

Powers and duties of the Academic Council

17. ٻين اٿارٽيز جي جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار

Constitution, functions and powers of other authorities

18. اٿارٽيز طرفان ڪميٽين جي مقرري

Appointment of committees by the Authorities

## باب _V
## قانون، ضابطا ۽ قاعدا

19. اسٽيچوٽس
Statutes

20. ضابطا
Regulations

21. قاعدا
Rules

## باب _VI
## يونيورسٽي فنڊ

22. يونيورسٽي فنڊ، آڊٽ ۽ اڪائونٽس
The University Fund, Audit and Accounts

## باب _VII
## عام گنجائشون

23. ملازمت تان رٽائرمينٽ
Retirement from Service

24. سبب ڄاڻائڻ جو موقعو
Opportunity to Show cause

25. بورڊ کي نظرثاني ڪرڻ لاءِ اپيل
Appeal to and review by the Board

26. پينشن، انشورنس، گريچوئٽي، پروويڊنٽ فنڊ ۽ بينيوولينٽ فنڊ
Pension, insurance, Gratuity, Provident Fund and Benevolent Fund

27. اٿارٽيز جي ميمبرز جي عهدي جي مدي جي شروعات
Commencement of term of office of members of Authorities

28. اٿارٽيز ۾ عارضي آسامين تي ڀرتي

Filling of Casual Vacancies in authorities

29. اٿارٽيز جي ميمبرشپ بابت تڪرار

Disputes about membership of Authorities

30. اٿارٽيز جون ڪارروايون آسامين سبب غير موثر ٿيڻ

Proceedings of the Authorities and invalidated by vacancies

31. پهريون شيڊول

First Schedule

32. دائره اختيار تي پابندي

Bar of Jurisdiction

33. ضمانت

Indemnity

34. ڪجهه ادارن جو الحاق

Affiliation of certain institutes

35. نظم و ضبط

Discipline

36. رنڊڪون هٽائڻ

Removal of difficulties

37. 1991 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي منسوخي

Repeal of Sindh Ordinance No.XII of 1991

شيڊول

The Schedule

فرسٽ اسٽيچوٽس

The First Statutes

1. فيڪلٽيز

Faculties

2. بورڊ آف فيڪلٽيز

Board of Faculties

3. ڊين

Dean

4. تدريسي شعبو

Teaching Department

5. بورڊ آف اسٽڊيز

Board of Studies

6. اعليٰ مطالعن ۽ تحقيق جو بورڊ

Board of Advanced studies and Research

7. سليڪشن بورڊ

Selection Board

8. سليڪشن/پروموشن بورڊ جا ڪم

Functions for Selection/Promotion Board

9. ماليات ۽ منصوبابندي ڪميٽي

The finance and Planning Committee

10. ماليات ۽ منصوبابندي ڪميٽي جا ڪم

Functions of the Finance and Planning Committee

11. الحاق ڪميٽي

Affiliation Committee

# سنڌ ايڪٽ نمبر VI مجريه 1992

# SINDH ACT NO.VI OF 1992

## همدرد يونيورسٽي ڪراچي ايڪٽ، 1991

## THE HAMDARD UNIVERSITY KARACHI ACT, 1991

[22 فيبروري 1992]

ايڪٽ جنهن ذريعي ڪراچي ۾ همدرد يونيورسٽي قائم ڪئي ويندي.

**تمهيد (Preamble)**

جيئن ته ڪراچي ۾ همدرد يونيورسٽي جو قيام ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن لاءِ قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان ڪري هن ريت جوڙيي عمل ۾ آندو ويندو:

**مختصر عنوان ۽ شروعات**
**Short title and commencement**

1. (1) هن ايڪٽ ڪي همدرد يونيورسٽي ڪراچي ايڪٽ، 1991 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور ۽ پهرين سيپٽمبر 1991 کان لاڳو ٿيندو.

**وصفون**
**Definitions**

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهه مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين:

(i) "اڪيڊمڪ ڪائونسل" مطلب يونيورسٽي جي اڪيڊمڪ ڪائونسل؛

(ii) "اٿارٽي" مطلب دفعه 11 ۾ ڄاڻايل يونيورسٽي جي اٿارٽي؛

(iii) "بورڊ" مطلب يونيورسٽي جو بورڊ آف گورنرس؛

(iv) "چانسيلر" مطلب يونيورسٽي جو چانسيلر؛

(v) "ڊين" مطلب فيڪلٽي جو سربراهه؛

(vi) "ڊائريڪٽر" مطلب اداري جو سربراهه؛
(vii) "فيڪلٽي" مطلب يونيورسٽي جي فيڪلٽي؛
(viii) "فائونڊيشن" مطلب همدرد فائونڊيشن آف پاڪستان؛
(ix) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛
(x) "ادارو" مطلب يونيورسٽي طرفان سنڀاليل ۽ انتظام ڪيل ادارو؛
(xi) "بيان ڪيل" مطلب قانون، ضابطن ۽ قاعدن ۾ بيان ڪيل؛
(xii) "پروفيسر اميريٽس" مطلب هڪ رٽائرڊ پروفيسر جيڪو يونيورسٽي ۾ اعزازي طور تي ڪم ڪري رهيو هجي؛
(xiii) "قانون، ضابطا ۽ قاعدا" مطلب هن ايڪٽ تحت ترتيبوار جوڙيل قانون، ضابطا ۽ قاعدا.
(xiv) "يونيورسٽي" مطلب همدرد يونيورسٽي ڪراچي؛ ۽
(xv) "وائيس چانسيلر" مطلب يونيورسٽي جو وائيس چانسيلر.

## باب ــ II

## يونيورسٽي

باب ــ II
يونيورسٽي
يونيورسٽي جو قيام ۽ هيئت
Establishment andincorporation of the University

3.(1) هڪ يونيورسٽي قائم ڪئي ويندي، جنهن کي همدرد يونيورسٽي، ڪراچي سڏيو ويندو، جيڪا چانسيلر، وائيس چانسيلر، ڊينس، ٽيچنگ ڊپارٽمينٽس جي چيئرمين ۽ بورڊ جي ميمبرن اڪيڊمڪ ڪائونسل جي ميمبرن ۽ اهڙن ٻين عملدارن تي مشتمل

هوندي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2) يونيورسٽي همدرد يونيورسٽي جي نالي سان هڪ باڊي ڪارپوريٽ هوندي، جنهن کي ان ۾ شامل ڪا ملڪيت حاصل ڪرڻ، رکڻ يا نيڪال ڪرڻ جي اختيار سان گڏ حقيقي وارثي ۽ عام مهر هوندي ۽ ڄاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندي ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.

يونيورسٽي سڀني لاءِ کليل هوندي

The University shall be open to all

4. يونيورسٽي هر ڪنهن مذهب جي هر ڪنهن جنس سان تعلق رکندڙ ماڻهن لاءِ کليل هوندي، انهن جو تعلق ڀل ڪهڙي به جنس، ڪنهن به مذهب، نسل، طبقي، رنگ يا ڪنهن به رهائشي هنڌ سان هجي، جيڪي يونيورسٽي طرفان پڙهايا ويندڙ ڪورسن ۾ تعليم وٺڻ جي داخلا لاءِ اهل هجن ۽ اهڙي ڪنهن به شخص کي فقط جنس، مذهب، طبقي، نسل، درجي، رنگ يا ڊوميسائيل جي بنياد تي سهولتن کان انڪار نہ ڪيو ويندو.

يونيورسٽي جا اختيار ۽ ڪم

Powers and Functions of the University

5. يونيورسٽي هڪ خودمختيار باڊي هوندي ۽ ان کي هيٺيان اختيار هوندا:

(i) سکيا جي اهڙين شاخن ۾ تعليم مهيا ڪرڻ، جيئن اها مناسب سمجهي، ۽ ڄاڻ جي واڌاري ۽ ترقي لاءِ گنجائشون جوڙڻ، جيئن اها طئي ڪري؛

(ii) داخلا ڏيڻ ۽ امتحان وٺڻ ۽ انهن ماڻهن کي جن ڄاڻايل شرطن موجب داخلا ورتي هجي ۽ امتحان پاس ڪيا هجن انهن کي ڊگريز، ڊپلوماز، سرٽيفڪيٽس ۽ ٻيا تعليمي اعزاز ڏيڻ؛

(iii) پنھنجو الحاق ڪرڻ يا ٻين ادارن سان جوڙڻ ۽ تعليم جي بهتري لاءِ پنھنجا ڪم ۽ ذميواريون ادا ڪرڻ لاءِ فيڪلٽيز ۽ تدريسي شعبا قائم ڪرڻ؛

(iv) جاٽايل طريقيڪار موجب منظور ٿيل ماڻهن کي اعزازي ڊگريون يا اعزاز ڏيڻ؛

(v) پڙهائي جا ڪورسز جوڙڻ ۽ تحقيق ڪرڻ جيئن طئي ڪيو ويو هجي؛

(vi) تعليم، پيشيورانہ تربيت ۽ تحقيق ۾ مدد ڪرڻ ۽ ٻيون سهولتون مهيا ڪرڻ؛

(vii) پاڪستان ۾ يا ان کان ٻاهر تعليمي ادارن جو الحاق ڪرڻ يا ڏار ڪرڻ ۽ اهڙن ادارن جي جاچ لهڻ يا پنھنجو پاڻ کي چونڊيل تعليمي تربيتي ۽ تحقيقي ادارن سان جوڙڻ، انهن کي انهن جا ڪم ۽ ذميواريون نڀائڻ لاءِ جوڳيون خدمتون ۽ سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ وڌ کان وڌ اثرائتي تعليمي تربيتي ۽ تحقيقي پروگرامن کي يقيني بڻائڻ لاءِ پڙهائي جا طريقا ۽ حڪمت عمليون طئي ڪرڻ؛

(viii) ملڪيت حاصل ڪرڻ ۽ سنڀالڻ، يونيورسٽي کي ڏنل گرانٽس، وصيتن، ٽرسٽس، تحفن، عطين، انڊومينٽس ۽ ٻين چندن کي سنڀالڻ ۽ انهن کي اهڙيءَ ريت سيڙائڻ جيئن مناسب هجي؛

(ix) معاهدن، ٺيڪن ۽ انتظامن ۾ حڪومت، تنظيمن، ادارن، باڊيز ۽ فردن سان پنھنجا ڪم ۽ ذميواريون پوريون ڪرڻ لاءِ شامل ٿيڻ؛

(x) اهڙيون فيس ۽ ٻيون وصوليون طلب ڪرڻ ۽ حاصل

ڪرڻ جيئن اها طئي ڪري؛

(xi) مختلف باڊيز ۽ ڪميٽيز لاءِ ميمبر مقرر ڪرڻ جيئن بورڊ طئي ڪري تدريسي ۽ هم نصابي سرگرمين جي سلسلي ۾ ۽ يونيورسٽي ۽ ان جي ادارن جي شاگردن کي داخلا ڏيڻ؛

(xii) استادن ۽ عملي جي ميمبرن سميت اهڙا عملدار مقرر ڪرڻ ۽ اهڙن عملدارن ۽ عملي جا شرط ۽ ضابطا، اختيار ۽ ذميواريون بيان ڪرڻ؛

(xiii) اهڙا ٻيا سمورا قدم کڻڻ ۽ شيون ڪرڻ جيڪي ان جي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ گهربل هجن.

| باب ـIII |
|---|
| يونيورسٽي جا عملدار |
| يونيورسٽي جا عملدار |
| Officers of the University |

## باب ـIII

## يونيورسٽي جا عملدار

6. هيٺيان يونيورسٽي جا عملدار هوندا:

(i) سرپرست؛

(ii) چانسيلر؛

(iii) وائيس چانسيلر؛

(iv) ڊينس؛

(v) ڊائريڪٽرس؛

(vi) تدريسي شعبن جو چيئرمين؛

(vii) رجسٽرار ۽

(viii) اهڙا ٻيا ماڻهو جن کي يونيورسٽي جي عملدار طور بيان ڪيو ويو هجي.

سرپرست
The Patron

7. سنڌ جو گورنر يونيورسٽي جو سرپرست هوندو.

چانسيلر

8. (1) چانسيلر ناميارو شخص هوندو، جيڪو معاشري

| | |
|---|---|
| ۾ پنهنجي ڄاڻ ۽ خدمت جي ميدان ۾ پنهنجي حيثيت طور ڄاتو ويندو ۽ پنهنجي اعليٰ اخلاقي ۽ ذهني حيثيت سبب پسند ڪيو ويندو هجي؛ | The Chancellor |
| بشرطيڪ يونيورسٽي جو پهريون تاحيات چانسيلر فائونڊيشن جو حڪيم محمد هوندو. | |
| (2) ذيلي دفعه (1) موجب چانسيلر سرپرست طرفان بورڊ ۽ فائونڊيشن جي گڏيل تجويزن تي اهڙن شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪيو ويندو، جيئن سرپرست طئي ڪري. | |
| (3) چانسيلر، جڏهن موجود هجي، يونيورسٽي جي ڪانووڪيشنز جي صدارت ڪندو. | |
| (4) هر اعزازي ڊگري ڏيڻ لاءِ چانسيلر کان تصديق ڪرائڻي پوندي. | |
| (5) جيڪڏهن چانسيلر مطمئن آهي ته ڪنهن اٿارٽي جون ڪارروايون هن ايڪٽ جي گنجائشن، قانونن، ضابطن يا قاعدن موجب نه آهن ته، اهو اهڙي اٿارٽي کي سبب ڄاڻائڻ لاءِ طلب ڪري سگهي ٿو ته ڇو نه اهڙين ڪارروائين کي ختم ڪيو وڃي، لکت ۾ حڪم ذريعي اهڙي ڪارروائي کي ختم ڪري سگهي ٿو. | |
| (6) چانسيلر جي اهڙيءَ ريت عمل ڪرڻ کان غير موجودگيءَ جي صورت ۾ يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري، وائيس چانسيلر سندس جاءِ تي ڪم ڪندو. | |
| 9. (1) چانسيلر يونيورسٽي جي معاملن سان لاڳاپيل مسئلي جي جاچ ڪرائي سگهي ٿو ۽ اهڙو شخص يا شخصيتون مقرر ڪري سگهي ٿو جيئن مقصد حاصل | معائنو<br>Visitation |

ڪرڻ لاءِ مناسب سمجهي.
(2) چانسيلر، ذيلي دفعہ (1) تحت رپورٽ ملڻ کانپوءِ، اهڙيون هدايتون جاري ڪري سگهي ٿو جيئن اهو مناسب سمجهي ۽ ڊائريڪٽر اهڙين هدايتن تي عمل ڪندو.

**وائيس چانسيلر**
**The Vice chancellor**

10.(1) وائيس چانسيلر، چانسيلر طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪيو ويندو، جيئن اهو طئي ڪري ۽ چانسيلر جي خوشي تائين عهدو رکندو.
(2) ڪنهن بہ وقت جڏهن وائيس چانسيلر جي آفيس خالي هوندي، يا وائيس چانسيلر غير حاضر هوندو يا بيماري سبب پنهنجي آفيس جا ڪم ڪرڻ جي لائق نہ هوندو يا ٻئي ڪنهن سبب جي ڪري تہ چانسيلر وائيس چانسيلر جون ذميواريون نڀائڻ لاءِ اهڙا انتظام ڪندو جيئن اهو مناسب سمجهي.
(3) وائيس چانسيلر يونيورسٽي جو مک تدريسي اينڊ انتظامي عملدار هوندو ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن، چانسيلر جي هدايتن، يونيورسٽي جي هدايتن تي جوڳي نموني عملدرآمد ڪرائڻ جو ذميدار هوندو ۽ يونيورسٽي جي حڪمت عملين ۽ پروگرامن تي عملدرآمد جو ذميدار هوندو.
(4) وائيس چانسيلر، ڪنهن هنگامي صورتحال ۾، جيڪا سندس خيال ۾ تڪڙو قدم گهرندي هجي، اهڙو قدم کڻي سگهي ٿو جيئن اهو ضروري سمجهي، جنهن کانپوءِ جيترو جلد ممڪن ٿي سگهي، سندس قدم بابت عملدار، اٿارٽي يا باڊي کي رپورٽ ڪندو، جنهن کي

عام صورت ۾ معاملي کي حل ڪرڻو هيو.

(5)خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل اختيارن جي عام حيثيت سان ٽڪراءَ ۾ اچڻ ڪانسواءِ، وائيس چانسيلر کي اهي اختيار پڻ حاصل هوندا ته:

(a) اهڙيون عارضي آساميون پيدا ڪرڻ ۽ پرتي ڪرڻ، جن جو مدو ڇهه مهينن کان وڌيڪ نه هجي؛

(b) منظور ٿيل بجيٽ ۾ فراهم ڪيل سمورو خرچ منظور ڪرڻ ۽ خرچ جي ساڳين ميجر هيڊس ۾ فنڊس ري ايپروپريئيٽ ڪرڻ؛

(c) غير متوقع سامان لاءِ رقم جي ري ايپروپريشن منظور ڪرڻ جيڪا پنجاهه هزار رپين کان وڌيڪ نه هجي، جيڪو بجيٽ ۾ نه ڄاڻايو ويو هجي ۽ ان بابت بورڊ جي ايندڙ گڏجاڻيءَ ۾ رپورٽ ڪرڻ؛

(d) لاڳاپيل اختيارين کان نالن جا پينلس ملڻ کانپوءِ يونيورسٽي جي سمورن امتحانن لاءِ پيپر سيٽرس ۽ ممتحن مقرر ڪرڻ؛

(e) پيپرس، مارڪس ۽ نتيجن جي ڇنڊ ڇاڻ لاءِ اهڙا انتظام ڪرڻ جيئن ضروري هجن؛

(f) يونيورسٽي جي استادن، عملدارن ۽ ٻين ملازمن کي پڙهائي، تحقيق، امتحانن ۽ انتظامن ۽ يونيورسٽي جي اهڙن ٻين معاملن جي سلسلي ۾ اهڙا ڪم ڪرائڻ جي هدايت ڪرڻ، جيڪي ضروري سمجهي؛

(g) يونيورسٽي جي ڪنهن عملدار يا ملازمن کي پنهنجي اختيارن منجهان ڪي هن ايڪٽ تحت منتقل ڪرڻ، اهڙين شرطن موجب، جيڪڏهن ڪي

طئي ڪيا ويا هجن؛

(h) اهڙن درجن لاءِ ملازم مقرر ڪرڻ، جن جي سلسلي ۾ بورڊ طرفان اختيار منتقل ڪيا ويا هجن؛

(i) اهڙا ٻيا اختيار ۽ ڪم ڪرڻ ۽ سرانجام ڏيڻ، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

## باب ـ IV

## يونيورسٽي جون اٿارٽيز

باب ـ IV
يونيورسٽي جون اختياريون اٿارٽيز
Authorities

11. يونيورسٽي جون هيٺيون اٿارٽيز هونديون:

(i) بورڊ آف گورنرس؛

(ii) اڪيڊمڪ ڪائونسل؛

(iii) فيڪلٽيز جا بورڊس؛

(iv) اعليٰ مطالعن ۽ تحقيق جو بورڊ؛

(v) بورڊ آف اسٽڊيز؛

(vi) سليڪشن بورڊ؛

(vii) فنانس اينڊ پلاننگ ڪميٽي؛

(viii) ڊسيپلين ڪميٽي؛ ۽

(ix) اهڙيون ٻيون اٿارٽيز، جيئن اسٽيچوٽس ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

بورڊ آف گورنرس
Board of Governors

12.(1) يونيورسٽي جي معاملن جي عام نظرداري ۽ ضابطو ۽ حڪمت عمليون ٺاهڻ جا اختيار بورڊ وٽ هوندا، جيڪو هيٺين تي مشتمل هوندو:

(a) وائيس چانسلر؛

(b) سنڌ هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس يا سنڌس طرفان نامزد ڪيل هاءِ ڪورٽ جو جج؛

(c) تعليم کاتي، حڪومت سنڌ جو سيڪريٽري؛

(d) چانسيلر طرفان وائيس چانسيلر سان مشاورت بعد ٻہ ڊينس مقرر ڪيا ويندا؛
(e) چيئرمين، يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن، يا ان طرفان نامزد ڪيل ڪميشن جو ڪل وقتي ميمبر؛
(f) چيمبرس آف ڪامرس اينڊ انڊسٽريز ڪراچي جو صدر؛
(g)چانسيلر طرفان وائيس چانسيلر جي سفارش تي ٽي ناميارا ماڻهو نامزد ڪيا ويندا؛
(h) سوسائٽي طرفان ٽي بهترين لياقت رکندڙ ماڻهو مقرر ڪيا ويندا؛
(2) نامزد ڪيل ميمبر ٽن سالن جي مدي لاءِ ميمبري رکندو۽ مدو ختم ٿيڻ تي ٻيهر نامزدگي لاءِ اهل هوندو.
(3) نامزد ڪيل ميمبر جي ميمبري ختم ٿي ويندي جيڪڏهن اهو استعيفيٰ ڏئي ٿو يا بنا جوڳو سبب ڄاڻائڻ جي بورڊ جي لڳاتار ٽن گڏجاڻين ۾ غير حاضر رهي ٿو يا بنا موڪل جو غير حاضر رهي ٿو يا سندس نامزدگي نامزد ڪندڙ اٿارٽي طرفان تبديل ڪئي وڃي ٿي.
(4)ميمبر جي عارضي ميمبريءَ واري جاءِ اٿارٽي طرفان نامزد ڪيل ماڻهو ذريعي پري ويندي ۽ جيڪو ميمبر طور نامزد ڪيو ويو آهي ان جي ميمبريءَ واري جاءِ پري ويندي.
(5) وائيس چانسيلر بورڊ جي چيئرمين طور ڪم ڪندو.
(6) رجسٽرار بورڊ جي سيڪريٽري طور ڪم ڪندو.

(7) بورڊ جو ڪو بہ قدم يا ڪا بہ ڪارروائي بورڊ ۾ آسامي جي صورت ۾ يا بورڊ جي جوڙجڪ ۾ نقص جي صورت ۾ غير موثر نہ ٿيندي.

**بورڊ جا اختيار ۽ ڪم**
**Powers and Functions of the Board**

13.(1) خاص طور تي، دفعہ 12 جي ذيلي دفعہ (1) جي گنجائشن جي عام حيثيت سان تضاد ڪانسواءِ، بورڊ هيٺيان اختيار استعمال ڪندو ۽ ڪم سرانجام ڏيندو:

(a) يونيورسٽي جي ملڪيت، فنڊس، اثاثن ۽ وسيلن تي ضابطو رکڻ ۽ انتظام ڪرڻ؛

(b) يونيورسٽي طرفان منقولہ ۽ غير منقولہ ملڪيت جي منتقلي ۽ منتقلي قبول ڪرڻ؛

(c) ڪاليجن ۽ ادارن کي الحاق ڏيڻ ۽ ڏار ڪرڻ؛

(d) ماليات ۽ منصوبابندي ڪميٽيز جي مشوري تي سالياني ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ جي ڪاٿن تي غور ڪرڻ ۽ منظوري ڏيڻ ۽ مالي معاملن کي هلائڻ لاءِ رهنمائي جا اصول يا قاعدا جوڙڻ؛

(e) يونيورسٽي جي طرفان ٺيڪا منظور ڪرڻ، مڪمل ڪرڻ، تبديل ڪرڻ يا رد ڪرڻ؛

(f) يونيورسٽي جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ اسڪيمون شروع ڪرڻ ۽ منظوري ڏيڻ؛

(g) طريقو طئي ڪرڻ ۽ يونيورسٽي جي عام مهر سنڀالڻ ۽ استعمال ڪرڻ؛

(h) اهڙين انتظامي، تدريسي، تحقيق يا ٻين آسامين کي پيدا ڪرڻ، مهمل يا ختم ڪرڻ، جيئن ضروري هجي؛

(i) سليڪشن بورڊ جي سفارشن تي استاد، محقق ۽ عملدار مقرر ڪرڻ؛

(j) جاڻايل طريقي موجب جاچ ۽ دفاع کانپوءِ يونيورسٽي جي ملازمن کي سسپينڊ ڪرڻ، سزا ڏيڻ ۽ ملازمت مان برطرف ڪرڻ، جن کي مقرر ڪرڻ جو ان وٽ اختيار آهي؛

(k) چانسيلر کي پيش ڪرڻ لاءِ اسٽيچوٽس تجويز ڪرڻ؛

(l) واجب باڊيز جي سفارشن تي ضابطا يا قاعدا منظور ڪرڻ؛ ۽

(m) يونيورسٽي سان لاڳاپيل ٻيا سمورا معاملا طئي ڪرڻ، هلائڻ ۽ انتظام ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ سمورا ضروري اختيار استعمال ڪرڻ خاص طور تي جيڪي ايڪٽ يا اسٽيچوٽس، ضابطن يا قاعدن ۾ جاڻايل نہ آهن.

(2)بورڊ پنهنجي اختيارن منجهان ڪي بہ ڪنهن اٿارٽي يا عملدار، يا ڪميٽي يا ذيلي ڪميٽي جي حوالي ڪري سگهي ٿو.

بورڊ جي گڏجاڻي
Meeting of the Board

14.(1) بورڊ سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻہ ڀيرا گڏجاڻي ڪندو، اهڙين تاريخن تي جيڪي وائيس چانسيلر طرفان طئي ڪيون وينديون؛

بشرطيڪ هڪ خاص گڏجاڻي ڪنهن بہ وقت ضروري نوعيت جي معاملي تي غور ڪرڻ لاءِ چانسيلر جي هدايت تي يا بورڊ جي ميمبرن جي درخواست تي جيڪي ڇهہ کان گهٽ نہ هجن، ڪوٺائي سگهجي ٿي.

(2) خاص گڏجاڻيءَ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ڏهن ڏينهن جو بورڊ جي ميمبرن کي نوٽيس ڏنو ويندو ۽ گڏجاڻيءَ جي

ايجنڊا مخصوص ڪئي ويندي، ان معاملي لاءِ جنهن لاءِ خاص گڏجاڻي ڪوٺائي وئي آهي.

(3) بورڊ جي گڏجاڻيءَ لاءِ ڪورم سڀ ميمبرن جي اڌ برابر هوندو، جنهن جي نسبت هڪ برابر ڳڻي ويندي.

(4) بورڊ جا فيصلا موجود ميمبرن جي اڪثريت جي بنياد تي ۽ ووٽنگ ذريعي ڪيا ويندا ۽ جيڪڏهن ميمبر هڪ جيترا ورهائجي وڃن ته بورڊ جي چيئرمين کي هڪ ڪاسٽنگ ووٽ حاصل هوندو، جيڪو استعمال ڪندو.

اڪيڊمڪ ڪائونسل
Academic Council

15. (1) اڪيڊمڪ ڪائونسل مشتمل هوندي:

(a) وائيس چانسيلر، جيڪو چيئرمين هوندو؛

(b) ڊينس؛

(c) ڊائريڪٽرس؛

(d) تدريسي شعبن جو چيئرمين؛

(e) اميريٽس پروفيسرس سميت يونيورسٽي جا پروفيسرس؛

(f) رجسٽرار جيڪو سيڪريٽري طور ڪم ڪندو؛

(g) ٻه ناميارا عالم جيڪي چانسيلر طرفان نامزد ڪيا ويندا؛

(2) نامزد ڪيل ميمبر ٽن سالن جي عرصي تائين ميمبريءَ جو عهدو رکي سگهندو ۽ ٻيهر نامزد ٿيڻ جي لاءِ اهل هوندو.

(3) نامزد ڪيل ميمبر جو ميمبريءَ جو عهدو خالي ٿي ويندو جيڪڏهن اهو استعيفيٰ ڏئي ٿو يا اٿارٽي جي لڳاتار ٽن گڏجاڻين ۾ جوڳو سبب ڄاڻائڻ يا موڪل

کانسواءِ غير حاضر رهي ٿو يا سندس نامزدگي نامزد ڪندڙ اٿارٽي طرفان تبديل ڪئي وئي آهي.

(4) ڪائونسل جي گڏجاڻيءَ لاءِ ڪورم سڀ ميمبرن جي اڌ برابر هوندو، جنهن جي نسبت هڪ برابر ڳڻي ويندي.

**اڪيڊمڪ ڪائونسل جا اختيار ۽ ذميواريون**

**Powers and duties of the Academic Council**

16.(1) اڪيڊمڪ ڪائونسل يونيورسٽي جي اعليٰ ترين اڪيڊمڪ باڊي هوندي، ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قانونن موجب، ان کي تدريس، تحقيق ۽ امتحانن کي خاص معيارن موجب رکڻ، ۽ هلائڻ ۽ يونيورسٽي جي تعليمي زندگي کي هٿي وٺرائڻ جو اختيار حاصل هوندو.

(2) خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل گنجائشن جي عام حيثيت سان تضاد کانسواءِ، ڪائونسل کي هيٺيان اختيار حاصل هوندا:

(a) بورڊ کي اڪيڊمڪ معاملن ۾ صلاح ڏيڻ؛

(b) شاگردن کي پڙهائي جي ڪورسز ۽ امتحانن لاءِ داخلا ڏيڻ؛

(c) بورڊ کي فيڪلٽيز، تدريسي شعبن، ادارن ۽ بورڊ آف اسٽڊيز جي جوڙجڪ ۽ تنظيم سازي لاءِ اسڪيمون آڇڻ؛

(d) يونيورسٽي ۾ پڙهائي ۽ تحقيق جي منصوبابندي ۽ ترقيءَ لاءِ تجويزن تي غور ڪرڻ ۽ تجويزون جوڙڻ؛

(e) بورڊ آف فيڪلٽيز ۽ بورڊ آف اسٽڊيز جي سفارشن تي ضابطا جوڙڻ، جنهن ۾ پڙهائي جا ڪورسز ۽ يونيورسٽي جي سمورن امتحانن لاءِ نصاب هوندو،

بشرطيڪ جيڪڏهن بورڊس آف فيڪلٽيز ۽ بورڊس آف اسٽڊيز جون سفارشون ڄاڻايل تاريخ تائين وصول نہ ٿيون ٿين، ڪائونسل، بورڊ جي منظوري سان، ايندڙ سال لاءِ پڙهائي جا ڪورس جاري رکندي جيڪي اڳواٽ امتحانن لاءِ بيان ڪيا ويا آهن؛

(f) ٻين يونيورسٽيز ۽ امتحاني ادارن جي امتحانن کي يونيورسٽي جي امتحانن برابر توثيق ڪرڻ؛

(g) بورڊ کي پيش ڪرڻ لاءِ ضابطا جوڙڻ؛

(h) هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب مختلف اٿارٽيز ۾ ميمبر مقرر ڪرڻ؛ ۽

(i) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن قانونن ۾ بيان ڪيا ويا هجن.

ٻين اٿارٽيز جي جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار
Constitution, functions and powers of other authorities

17. ٻين اٿارٽيز جي جوڙجڪ، ڪم ڪار ۽ اختيار جن لاءِ خاص گنجائش ناهي يا هن ايڪٽ تحت اڻپوري گنجائش آهي، اها ائين هوندي جيئن اسٽيچوٽس ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

اٿارٽيز طرفان ڪميٽين جي مقرري
Appointment of committees by the Authorities

18. بورڊ، اڪيڊمڪ ڪائونسل، ڪائونسل يا ٻيون اٿارٽيز اهڙيون اسٽينڊنگ، اسپيشل يا ايڊوائيزري ڪميٽيز مقرر ڪري سگهن ٿا، جيئن اهي انهن جي ڪارڪردگيءَ کي بهتر بڻائڻ لاءِ ضروري سمجهن.

باب ـ V

قانون، ضابطا ۽ قاعدا

## باب ـ V

## اسٽيچوٽس، ضابطا ۽ قاعدا

19. (1) هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب، هيٺ بيان ڪيل سمورن معاملن يا انهن مان ڪنهن هڪ لاءِ اسٽيچوٽس جوڙيا سگهجن ٿا، يعني:

اسٽيچوٽس
Statutes

(a) يونيورسٽي جي ملازمن جي ملازمت جا شرط ۽ ضابطا جوڙڻ، بشمول پي اسڪيل، پينشن جي جوڙجڪ، انشورنس، گريچوئٽي، پروويڊنٽ فنڊ، بينيوولينٽ فنڊ ۽ ٻين لاڳاپيل فائدن جي؛

(b) استادن، محققن ۽ عملدارن جي ڪانٽريڪٽ تي مقررين جا شرط ۽ ضابطا؛

(c) فيڪلٽيز تدريسي شعباءِ ٻين اڪيڊمڪ يونٽس ۽ ڊويزنس جو قيام؛

(d) عملدارن ۽ استادن جا اختيار ۽ ذميداريون؛

(e) شرط جن تحت يونيورسٽي ٻين سرڪاري يا خانگي تنظيمن سان تدريس، تحقيق ۽ ٻين علمي سرگرمين جي انتظامن ۾ شامل ٿي سگهي ٿي؛

(f) پروفيسرز اميريٽس جي مقرري ۽ اعزازي ڊگريون ڏيڻ جا شرط؛

(g) يونيورسٽي جي ملازمن جي صلاحيت ۽ نظم و ضبط؛

(h) يونيورسٽي جون ملڪيتون ۽ سيڙپڪاري حاصل ڪرڻ ۽ انتظام ڪرڻ؛ ۽

(i) هن ايڪٽ تحت ٻيا سمورا معاملا جيڪي قانونن موجب بيان ڪرڻا يا هلائڻا آهن.

(2) بنيادي قانونن جو مسودو بورڊ طرفان چانسيلر جي منظوري لاءِ پيش ڪيو ويندو.

(3) چانسيلر کي منظوري لاءِ اماڻيل بنيادي قانونن کي قبول ڪرڻ يا انهن کي ٻيهر غور لاءِ بورڊ کي واپس موڪلڻ جو اختيار هوندو.

(4) ڪو بہ بنيادي قانون ان وقت تائين موثر نہ هوندو، جيستائين چانسيلر طرفان منظور نہ ڪيو وڃي.

ضابطا
Regulations

20. (1) هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قانون موجب هيٺين سمورن يا انهن مان ڪن معاملن لاءِ ضابطا جوڙيا ويندا، يعني:

(a) پڙهائي ۽ تحقيق جون اسڪيمون، بشمول ڪورسز جي عرصي، مضمونن جي انگ يا امتحانن لاءِ پيپرز؛

(b) ڊگرين، ڊپلوماز ۽ سرٽيفڪيٽس لاءِ پڙهائي ۽ تحقيقي پروگرامن جا نصاب ۽ ڪورسز؛

(c) امتحان منعقد ڪرڻ ۽ انهن جي نظرداري، ممتحن جي مقرري، چنڊ ڇاڻ، نتيجا ڪيڻ ۽ انهن کي پڌرو ڪرڻ؛

(d) مختلف نصاب، امتحانن ۽ هاسٽلس ۾ داخلا لاءِ فيس طئي ڪرڻ ۽ اوڳاڙي؛

(e) شاگردن ۾ نظم و ضبط پيدا ڪرڻ ۽ انهن جي ڀلائي جون اسڪيمون جوڙڻ؛

(f) فيلوشپس، اسڪالر شپس، انعام، ميڊلز اعزازيہ ڏيڻ ۽ شاگردن ۽ تحقيقي عالمن جي ٻي مالي مدد ڪرڻ؛

(g) ڪانووڪيشن منعقد ڪرڻ ۽ اڪيڊمڪ ڪاسٽيومز جي بيهڪ؛

(h) شاگردن جي رهائش جا شرط؛

(i) لائبريري جو استعمال؛ ۽

(j) ٻيا سمورا تعليمي معاملا جيڪي هن ايڪٽ، يا قانونن ذريعي يا ضابطن موجب بيان ٿيل آهن.
(2) بورڊ کي ان کي فراهم ڪيل ضابطن کي منظور ڪرڻ يا انهن کي اڪيڊمڪ ڪائونسل ڏانهن ٻيهر غور ڪرڻ لاءِ واپس اماڻڻ جو اختيار حاصل هوندو.
(3) ڪو به ضابطو تيستائين موثر نه هوندو جيستائين ان جي بورڊ طرفان منظوري نه ڏني وڃي.

قاعدا
Rules

21. (1) اٿارٽيز ۽ يونيورسٽي جون ٻيون باڊيز هن ايڪٽ، اسٽيچوٽس ۽ ضابطن موجب انهن جي ڪاروهنوار ۽ گڏجاڻين جي وقت ۽ هنڌ ۽ لاڳاپيل معاملن لاءِ قاعدا جوڙي سگهن ٿيون؛
(2) بورڊ يونيورسٽي سان لاڳاپيل ڪنهن معاملي بابت قاعدا جوڙي سگهي ٿو، جيڪي هن ايڪٽ تحت، خاص طور تي قانونن ۽ ضابطن ۾ بيان نه ڪيا ويا هجن.

باب VI_
يونيورسٽي فنڊ

## باب VI_
## يونيورسٽي فنڊ

يونيورسٽي فنڊ، آڊٽ ۽ اڪائونٽس
The University Fund, Audit and Accounts

22.(1) يونيورسٽي کي هڪ فنڊ هوندو، جنهن ۾ ان جي فيس، عطين، ٽرسٽس، تحفن، انڊومينٽس، گرانٽس ۽ ٻين سمورن وسيلن کان مليل رقم جمع ڪئي ويندي.
(2) يونيورسٽي جو ڪيپيٽل ۽ رڪرنٽ خرچ ان جي ڪمائي ۽ فائونڊيشن طرفان ڪيل مدد ۽ ڪنهن ٻئي وسيلي، بشمول ٻين فائونڊيشنز، يونيورسٽيز ۽ فردن جي ۽ اهڙي وسيلي کان حاصل ڪيل رقم ذريعي هلايو ويندو.
(3) ڪا به مدد، چندو يا گرانٽ جيڪا سڌيءَ ريت يا اڻ

سڌيءَ ريت ڪا فوري طور يا ان جي نتيجي ۾ يونيورسٽي تي مالي ذميداري وجهي، يا جيڪا اهڙين سرگرمين تي ڪئي وڃي، جيڪي هلندڙ پروگرامن ۾ شامل نہ آهن، اهڙي رقم بورڊ جي اڳواٽ منظوري ڪانسواءِ قبول نہ ڪئي ويندي.

(4) يونيورسٽي جا اڪائونٽس اهڙي طريقي سنڀاليا ويندا جيئن بورڊ طئي ڪري ۽ هر سال يونيورسٽي جو مالي سال ختم ٿيڻ کان چار مهينا اڳ انهن جي آڊٽ بورڊ طرفان مقرر ڪيل چارٽرڊ اڪائونٽنٽ طرفان ڪئي ويندي.

(5) اڪائونٽس، آڊيٽر جي رپورٽ سان گڏ، بورڊ کي منظوري لاءِ پيش ڪيا ويندا.

(6) آڊيٽر جي رپورٽ تصديق ڪندي تہ آڊيٽر آڊٽ جي معيارن ۽ چارٽرڊ اڪائونٽنٽس آف پاڪستان جي اداري جي تصديق موجب آڊٽ ڪئي آهي.

باب _VII

عام گنجائشون

## باب _VII

## عام گنجائشون

ملازمت تان رٽائرمينٽ

Retirement from Service

23. يونيورسٽي جو ڪو ملازم ملازمت تان رٽائر ڪندو:

(i) اهڙي تاريخ تي، جڏهن هن ملازمت جا پنجويهہ سال مڪمل ڪيا هجن، ان کانپوءِ اهو پينشن يا ٻين رٽائرمينٽ جي فائدن لاءِ اهل هوندو، جيئن مجاز اختياري هدايت ڪري:

بشرطيڪ ڪنهن بہ ملازم کي تيستائين رٽائر نہ ڪيو ويندو جيستائين ان کي اهڙي قدم کڻڻ جي حقيقتن

ڪان آگاهہ نہ ڪيو وڃي ۽ ان کي ان قدم خلاف سبب ڄاڻائڻ جو موزون موقعو نہ ڏنو وڃي؛ يا
(ii) جتي مٿي ڄاڻايل شق (i) موجب ڪا هدايت نہ ڪئي وئي آهي، تہ پوءِ سٺ سال عمر جي مڪمل ٿيڻ تي.

**سبب ڄاڻائڻ جو موقعو**
**Opportunity to Show cause**

24. سواءِ ان جي تہ ڪو عملدار، استاد يا يونيورسٽي جو ٻيو ڪو ملازم جيڪو مستقل عهدو رکندو هجي، ان جي رينڪ گهٽائي نہ ويندي يا برطرف يا لازمي طور ملازمت مان رٽائر نہ ڪيو ويندو جيستائين ان کي اهڙو قدم کڻڻ خلاف سبب ڄاڻائڻ جو موزون موقعو فراهم نہ ڪيو وڃي.

**بورڊ کي نظرثاني ڪرڻ لاءِ اپيل**
**Appeal to and review by the Board**

25. (1) جتي يونيورسٽي جي ڪنهن ملازم کي سزا جو حڪم جاري ڪيو ويو آهي (سواءِ وائيس چانسيلر جي) يا ان جي ملازمت جي شرطن ۽ ضابطن ۾ ڄاڻايل بنيادن موجب تبديل ڪيو وڃي يا ان جي نقصان جي ترجماني ڪري، ان کي، جتي حڪم وائيس چانسيلر طرفان جاري ڪيو ويو هجي يا ڪنهن ٻئي عملدار يا يونيورسٽي جي استاد طرفان جاري ڪيو ويو هجي، اهڙي حڪم خلاف بورڊ کي اپيل ڪرڻ جو حق حاصل هوندو. جتي حڪم بورڊ طرفان جاري ڪيو ويو هجي، ان کي ان اختياري کي حڪم تي نظرثاني ڪرڻ لاءِ درخواست ڏيڻ جو حق حاصل هوندو.
(2)نظرثاني لاءِ اپيل يا درخواست وائيس چانسيلر کي جمع ڪرائي ويندي، جيڪو ان کي پنهنجي راءِ ۽ ڪيس جي رڪارڊ سان گڏ بورڊ جي سامهون رکندو.

(3) اپيل ۽ نظرثاني تي ڪو بہ حڪم جاري نہ ڪيو ويندو جيستائين اپيل ڪندڙ يا درخواست گذار، جيئن معاملو هجي، ان کي ٻڌڻ جو موقعو فراهم نہ ڪيو وڃي.

**پينشن، انشورنس، گريچوئٽي، پروويڊنٽ فنڊ ۽ بينيوولينٽ فنڊ**
**Pension, insurance, Gratuity, Provident Fund and Benevolent Fund**

26. (1) يونيورسٽي ملازمن جي ڀلائي لاءِ ۽ شرطن موجب جيئن بيان ڪيو ويو هجي، اهڙي پينشن، انشورنس، گريچوئٽي، پروويڊنٽ فنڊ ۽ بينيوولينٽ فنڊ قائم ڪندي جيئن اها مناسب سمجهي.

(2) جتي ڪو پروويڊنٽ فنڊ هن ايڪٽ تحت قائم ڪيو ويو هجي، پروويڊنٽ فنڊس ايڪٽ، 1925 جون گنجائشون اهڙي فنڊ تي لاڳو ٿينديون.

**اٿارٽيز جي ميمبرز جي عهدي جي مدي جي شروعات**
**Commencement of term of office of members of Authorities**

27. جڏهن نئين جوڙيل اٿارٽي جو ڪو ميمبر مقرر يا نامزد ڪيو ويو آهي، ان جي ملازمت جا شرط، جيئن هن ايڪٽ تحت طئي ڪيا ويا آهن، اهڙي تاريخ کان لاڳو ٿيندا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

**اٿارٽيز ۾ عارضي آسامين تي ڀرتي**
**Filling of Casual Vacancies in authorities**

28. ڪنهن بہ اٿارٽيءَ تي نامزد ٿيل يا مقرر ڪيل ميمبرن مان ڪا عارضي جاءِ خالي ٿي ٿئي تہ اها جيترو ممڪن هجي انهيءَ باڊي يا شخص طرفان ڀري ويندي، جنهن انهن کي مقرر ڪيو هو خالي ٿيل جاءِ تي جيڪو ميمبر مقرر ٿيندو اهو انهيءَ عرصي لاءِ ميمبر ٿيندو جيڪو ۽ جيترو ڇڏي ويل جي باقي رهيل ميمبريءَ جو عرصو هيو.

بشرطيڪ بورڊ کان سواءِ جيڪڏهن ڪنهن اٿارٽيءَ ۾

ميمبريءَ جي جاءِ خالي ٿي آهي ته اها ان ڪري پري نه سگهبي ته ميمبر ايڪس آفيشو ميمبر هئو هن جو اتان جو عهدو يا اهو ادارو ختم ٿيو آهي، پر اهو يونيورسٽيءَ ڪان سواءِ آهي، اهو هاڻي غير فعال آهي يا ڪن اٽتر سببن ڪري خالي ٿيل جاءِ تي پيو ماڻهو مقرر نه ٿو ڪري ته پوءِ بورڊ جي هدايت تي اها ميمبري جي خالي ٿيل جاءِ تي چانسيلر پاران ميمبر مقرر ڪندو.

**اٿارٽيز جي ميمبرشپ بابت تڪرار**
**Disputes about membership of Authorities**

29. (1) جيستائين ڪجهه هن ايڪٽ جي متضاد نه هجي، ڪنهن اٿارٽي ۾ نامزد ڪيل يا مقرر ڪيل ڪو شخص ڪنهن اٿارٽي جو ميمبر نه رهندو، جيڪڏهن هن ڪا حيثيت خراب ڪئي هجي، جنهن لاءِ اهو نامزد يا مقرر ڪيو ويو هجي.

(2) جيڪڏهن ڪنهن شخص جي اٿارٽي جي ميمبر ٿيڻ تي ڪو سوال اٿاريو وڃي ٿو ته معاملو چانسيلر، چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ يا هاءِ ڪورٽ جو جج، جيڪو بورڊ جو ميمبر آهي ۽ چانسيلر جو نامزد ڪيل عملدار تي ٻڌل ڪميٽي ڏانهن اماڻيو ويندو ۽ ڪميٽي جو فيصلو حتمي هوندو.

**اٿارٽيز جون ڪارروايون آسامين سبب غير موثر ٿيڻ**
**Proceedings of the Authorities and invalidated by vacancies**

30. ڪنهن اٿارٽي جو ڪو قدم، ڪارروائي، ٺهراءُ يا فيصلو فقط ڪنهن آسامي يا جوڙجڪ ۾ نقص يا اٿارٽي جي ميمبر جي مقرري ۾ نامزدگي نه هجڻ جي صورت ۾ يا ڪنهن مقصد جي صورت ۾ غير موثر نه هوندو.

**پهريون شيڊول**

31. جيستائين ڪجهه هن ايڪٽ جي متضاد نه هجي،

شيڊول ۾ جوڙيل اسٽيچوس ايئن سمجهيا ويندا جيئن دفعہ 19 تحت اسٽيچوٽس جوڙيا ويا آهن ۽ تيستائين لاڳو رهندا جيستائين انهن ۾ ترميم نہ ڪئي وڃي يا انهن کي هن ايڪٽ تحت جوڙيل نون اسٽيچوٽس سان تبديل نہ ڪيو وڃي.

First Schedule

دائره اختيار تي پابندي
Bar of Jurisdiction

32. هن ايڪٽ تحت سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهہ ڪرڻ جي ارادي تي ڪنهن عدالت کي غور هيٺ آڻڻ، ڪارروائي ڪرڻ يا ڪو حڪم جاري ڪرڻ جو اختيار حاصل نہ هوندو.

ضمانت
Indemnity

33. هن ايڪٽ تحت سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهہ ڪرڻ جي ارادي تي حڪومت، يونيورسٽي يا ڪنهن اختياري يا حڪومت جي ملازم يا يونيورسٽي يا ڪنهن شخص خلاف ڪو مقدمو يا قانوني ڪارروائي نہ ٿيندي.

ڪجهہ ادارن جو الحاق
Affiliation of certain institutes

34. جيستائين ڪجهہ هن ايڪٽ جي متضاد نہ هجي، تيستاين هيٺيان ادارا يونيورسٽي سان الحاق ۾ رهندا ۽ تيستائين ايئن جاري رهندا جيستائين بيان ڪيل شرطن موجب نااهل نہ ٿين:

(a) انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل اليمينٽولوجي؛

(b) انسٽيٽيوٽ آف ڪلينيڪل فارماڪالاجي

(c) انسٽيٽيوشن آف بايوڪيمسٽري؛

(d) انسٽيٽيوٽ آف بايوٽيڪنالاجي اينڊ بايوانجنيئرنگ؛

(e) انسٽيٽيوٽ آف اليڪٽرانڪس اينڊ ڪمپيوٽر سائنسز؛ ۽

(f) انسٽيٽيوٽ آف ڪيميڪل انجنيئرنگ.

35. يونيورسٽي کي يونيورسٽي ۽ ادارن جي شاگردن، اسٽاف ۽ فيڪلٽي جي نظم ضبط تي جاٽايل طريقيڪار موجب نظرداري ڪرڻ جو اختيار ۽ ضابطو هوندو.

نظم و ضبط
Discipline

36. جيڪڏهن هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ تي ڪنهن اختياري جي جوڙجڪ يا ٻيهر جوڙجڪ ۾ ڪا رنڊڪ پيش اچي يا هن ايڪٽ جي گنجائشن کي لاڳو ٿيڻ ۾ ڪا رنڊڪ پيش اچي، چانسيلر اهڙي رنڊڪ کي هٽائڻ لاءِ خاص هدايتون جاري ڪري سگهي ٿو.

رنڊڪون هٽائڻ
Removal of difficulties

37. همدرد يونيورسٽي آرڊيننس، 1991 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

1991 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance No.XII of 1991

شيڊول
The Schedule

**شيڊول**

**پهريان قانون**

**(ڏسو دفعہ 20)**

فرسٽ اسٽيچوٽس
The First Statutes

1.(1) يونيورسٽي ۾ هيٺيون فيڪلٽيز شامل هونديون:

(a) قدرتي سائنسز جي فيڪلٽي؛

(b) سوشل سائنسز ۽ هيومنٽيز جي فيڪلٽي؛

(c) فارميسي جي فيڪلٽي؛

(d) اسلامي سکيا جي فيڪلٽي؛

(e) مئنيجمينٽ سائنسز جي فيڪلٽي؛

فيڪلٽيز
Faculties

(f) هيلٿ ۽ ميڊيڪل سائنسز جي فيڪلٽي؛
(g) قانون جي فيڪلٽي؛ ۽
(h) اهڙيون ٻيون ڪي فيڪلٽيز جيئن قانونن ۾ بيان ڪيون ويون هجن.
(2) مسلمان شاگردن لاءِ اسلامڪ ايجوڪيشن ۽ پاڪستان اسٽڊيز لازمي هوندا ۽ غير مسلمان شاگردن کي سمورين فيڪلٽيز ۾ اخلاقيات ۽ پاڪستان اسٽڊيز جو موقعو ڪٽڻ جو آڇيو ويندو.
(3) هر فيڪلٽي ۾ اهڙا ادارا، ٽيچنگ ڊپارٽمينٽ، سينٽرس يا ٻيا پڙهائي ۽ تحقيق جا يونٽ شامل هوندا، جيئن قانونن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

بورڊ آف فيڪلٽيز
Board of Faculties

2. (1) هر فيڪلٽي جو هڪ بورڊ هوندو، جيڪو مشتمل هوندو:
(a) ڊين؛
(b) پروفيسرس، ايسوسيئيٽ پروفيسرس ۽ فيڪلٽي ۾ شامل ٽيچنگ ڊپارٽمينٽس جا چيئرمين؛
(c) فيڪلٽي ۾ شامل هر بورڊ آف اسٽڊيز جو هڪ ميمبر، لاڳاپيل بورڊ آف اسٽڊيز طرفان نامزد ڪيو ويندو؛ ۽
(d) ٽي استاد اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان انهن جي مضمون ۾ خاص ڄاڻ جي بنياد تي نامزد ڪيا ويندا، پلي اهي مضمون فيڪلٽيءَ ۾ نه پڙهايا ويندا هجن، انهن کي اڪيڊمڪ ڪائونسل جي خيال ۾، فيڪلٽي ۾ پڙهائڻوارن مضمونن تي خاص مهارت هجي.
(2) ذيلي دفعه (1) جي شقن (c) ۽ (d) ۾ ڄاڻايل ميمبر

ٽن سالن لاءِ عهدو رکندا.

(3) فيڪلٽي جي بورڊ جي گڏجاڻي جو ڪورم ان جي ڪل ميمبرن جي اڌ برابر هوندو، جيڪو هڪ جي نسبت سان ڳڻيو ويندو.

(4) هر فيڪلٽي جو بورڊ اڪيڊمڪ ڪائونسل ۽ بورڊ جي عام ضابطن موجب، اختيار رکندو.

(a) فيڪلٽي ڪي سونپيل مضمونن جي پڙهائي ۽ تحقيق بابت ڪوآرڊينيٽ ڪرڻ؛

(b)فيڪلٽي ۾ شامل بورڊ آف اسٽڊيز طرفان تجويز ڪيل ڪورسز ۽ نصاب جي ڇنڊ ڇا ڪرڻ ۽ انهن ڪي پنهنجي راءِ سان گڏ اڪيڊمڪ ڪائونسل ڏانهن اماڻڻ؛

(c) فيڪلٽي ۾ شامل بورڊ آف اسٽڊيز جي سفارشن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ، پيپر سيٽرز ۽ ممتحن جي مقرري تي، سواءِ ريسرچ ۽ ڊگري ممتحن جي جيڪي وائيس چانسيلر ڪندو، ۽

(d) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

ڊين
Dean

3.(1) هر فيڪلٽي جو ڊين هوندو جيڪو بورڊ آف فيڪلٽي جو چيئرمين هوندو ۽ چانسيلر طرفان وائيس چانسيلر جي سفارش تي فيڪلٽي ۾ سڀ کان سينئر ٽن پروفيسرن منجهان نامزد ڪيو ويندو.

(2) ڊين ٽن سالن لاءِ عهدو رکندو.

(3) ڊين فيڪلٽي ۾ پڙهايا ويندڙ ڪورسز جي ڊگريز ۾، سواءِ اعزازي ڊگريز جي، داخلا لاءِ اميدوار پيش ڪندو.

(4) ڏين اهڙا ٻيا اختيار استعمال ڪندو ۽ اهڙيون ٻيون ذميواريون سرانجام ڏيندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

تدريسي شعبو
Teaching Department

4. (1) هر مضمون يا لاڳاپيل مضمونن جي گروپ لاءِ هڪ تدريسي شعبو هوندو، جيئن منظور ڪيو ويو هجي ۽ هر تدريسي شعبي جو هڪ چيئرمين سربراهه هوندو.

(2) شعبي جو چيئرمين بورڊ طرفان شعبي جي سينئر استادن منجهان مقرر ڪيو ويندو.

(2) تدريسي شعبي جو چيئرمين هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب ڊپارٽمينٽ جي ڪم جو منصوبو جوڙيندو، انتظام ڪندو ۽ نظرداري ڪندو ۽ پنهنجي ڊپارٽمينٽ ۾ ڪيل ڪم بابت فيڪلٽي جي ڊين کي جوابده هوندو.

بورڊ آف اسٽڊيز
Board of Studies

5. (1) هر مضمون يا مضمونن لاءِ هڪ ڌار بورڊ آف اسٽڊيز هوندو، جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي:

(2) هر بورڊ آف اسٽڊيز مشتمل هوندو:

(a) لاڳاپيل تدريسي شعبي جو چيئرمين؛

(b) لاڳاپيل تدريسي شعبي ۾ سمورا پروفيسر ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسر؛

(c) ٻه يونيورسٽي جا استاد، سواءِ پروفيسرز يا ايسوسيئيٽ پروفيسرز جي اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان مقرر ڪيا ويندا.

(d) ٽي ماهر، سواءِ يونيورسٽي جي استادن جي، وائيس چانسيلر طرفان مقرر ڪيا ويندا.

(3) سواءِ ايڪس آفيشو ميمبرز جي بورڊ آف اسٽڊيز

جي ميمبرن جي ميمبريءَ جو مدو ٽي سال هوندو.
(4) بورڊ آف اسٽڊيز جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ميمبرن جي ڪل انگ جي اڌ برابر هوندو، جنهن جي نسبت هڪ برابر هوندي،
(5) لاڳاپيل يونيورسٽي ٽيچنگ ڊپارٽمينٽ جو چيئرمين بورڊ آف اسٽڊيز جو چيئرمين ۽ ڪنوينر هوندو،
(6) بورڊ آف اسٽڊيز جا ڪم هن ريت هوندا:
(a) اٿارٽيز کي لاڳاپيل مضمونن ۾ تعليم، تحقيق ۽ امتحانن سان لاڳاپيل سمورن معاملن بابت صلاح ڏيڻ؛
(b) مضمون يا لاڳاپيل مضمون ۾ سمورين ڊگريز، ڊپلوما ۽ سرٽيفڪيٽ ڪورسز لاءِ ڪورس ۽ نصاب تجويز ڪرڻ؛
(c) لاڳاپيل مضمونن ۾ پيپرس سيٽرس ۽ ممتحنن جي نالن جو پينل تجويز ڪرڻ؛ ۽
(d) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

اعليٰ مطالعن ۽ تحقيق جو بورڊ
Board of Advanced studies and Research

6. (1) هڪ اعليٰ مطالعن ۽ تحقيق جو بورڊ هوندو، جيڪو مشتمل هوندو:
(a) وائيس چانسيلر، جيڪو چيئرمين هوندو؛
(b) ڊينس؛
(c) ٽي يونيورسٽي جا پروفيسرز، سواءِ ڊينس جي، بورڊ آف گورنرس طرفان نامزد ڪيا ويندا؛
(d) ٽي يونيورسٽي استاد، جن کي تحقيق جو اهليت ۽ تجربو هجي، اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان مقرر ڪيا

ويندا؛ ۽

(e) پروفيسرس اميريٽس.

(2) ايڪس آفيشو ميمبرن کانسواءِ اعليٰ تعليم ۽ تحقيق بورڊ جي ميمبرن جي ميمبريءَ جو مدو ٽي سال هوندو.

(3) بورڊ آف ايڊوانسڊ اسٽڊيز اينڊ ريسرچ جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ڪل ميمبرن جي انگ جي اڌ برابر هوندو جنهن جي نسبت هڪ برابر هوندي.

(4) بورڊ آف ايڊوانسڊ اسٽڊيز اينڊ ريسرچ جا ڪم هيٺين ريت هوندا:

(a) يونيورسٽي ۾ اعليٰ تعليم ۽ تحقيق کي هٿي وٺرائڻ سان لاڳاپيل سمورن معاملن تي اٿارٽيز کي صلاح ڏيڻ؛

(b) تحقيقي ڊگريون ڏيڻ سان لاڳاپيل ضابطا تجويز ڪرڻ؛

(c) تحقيق جي شاگردن کي انهن جي تحقيق جي مقالي جو مضمون طئي ڪرڻ لاءِ سپر وائيزر مقرر ڪرڻ؛

(d) تحقيقي امتحانن لاءِ ان سلسلي ۾ بورڊ آف اسٽڊيز جي تجويزن تي غور ڪرڻ کانپوءِ پيپر سيٽرز ۽ ممتحنن جي نالن جو پينل تجويز ڪرڻ؛ ۽

(e) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن قانونن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

سليڪشن بورڊ
Selection Board

7. (1) هڪ سليڪشن بورڊ هوندو، جيڪو هيٺين تي مشتمل هوندو:

(a) وائيس چانسيلر جيڪو چيئرمين هوندو؛

(b) بورڊ طرفان ٻه ناليوارا ماڻهو نامزد ڪيا ويندا؛

| | |
|---|---|
| بشرطيڪ انهن مان ڪو بہ يونيورسٽي جو ملازم نہ هوندو: | |
| (c) يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن جو چيئرمين يا سندس طرفان نامزد ڪيل ڪميشن جو ڪو ڪل وقتي ميمبر: | |
| (d) لاڳاپيل فيڪلٽي جو ڊين: | |
| (e) لاڳاپيل تدريسي شعبي جو چيئرمين: | |
| (e) سوسائٽي طرفان نامزد ڪيل هڪ شخص. | |
| (2) ايڪس آفيشو ميمبرن کانسواءِ سليڪشن بورڊ جي ميمبرن جي ميمبريءَ جو مدو ٽي سال هوندو. | |
| (3) سليڪشن بورڊ جو ڪورم چار ميمبر هوندو. | |
| (4) سليڪش بورڊ جو ڪو بہ ميمبر جيڪو جنهن آسامي تي مقرري لاءِ اميدوار آهي، اهو سليڪشن بورڊ جي ڪارروائي ۾ حصو نہ وٺي سگهندو. | |
| (5) پروفيسرس ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسرس جي عهدن تي اميدوارن جي چونڊ ۾، سليڪشن بورڊ ٽن ماهرن کي مقرر ڪندو يا انهن سان مشورو ڪندو ۽ ٻين پڙهائي وارين آسامين تي اميدوار چونڊڻ ۾، لاڳاپيل مضمون ۾ بہ ماهر وائيس چانسيلر طرفان نامزد ڪيا ويندا، سليڪشن بورڊ جي سفارش تي بورڊ طرفان منظور ڪيل هر مضمون جي ماهرن جي فهرست منجهان ۽ وقت بہ وقت نظرثاني ڪئي ويندي. | |
| 8. (1) سليڪشن بورڊ اشتهار جي نتيجي ۾ سمورين ٽيچنگ ۽ ٻين آسامين تي وصول ٿيندڙ درخواستن تي غور ڪندو ۽ اهڙين آسامين تي موزون اميدوارن جا نالا | سليڪشن/پروموشن بورڊ جا ڪم<br>Functions for |

Selection/Promotion Board

مقرريءَ لاءِ بورڊ کي تجويز ڪندو.

(2) سليڪشن بورڊ موزون ڪيس ۾ سبب رڪارڊ ڪندي بورڊ کي اعليٰ شروعاتي پگهار جي گرانٽ جي سفارش ڪري سگهي ٿو.

(3) سليڪشن بورڊ اعليٰ تعليمي يافته شخص کي يونيورسٽي ۾ عهدي تي مقرري لاءِ شرطن ۽ ضابطن موجب بورڊ کي سفارش ڪري سگهي ٿو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(4) سليڪشن بورڊ يونيورسٽي جي سمورن عملدارن جي ترقين جا سمورا ڪيس غور هيٺ آڻيندو ۽ موزون اميدوارن جا اهڙين ترقين لاءِ نالا بورڊ کي اماڻيندو.

(5) سليڪشن بورڊ ۽ بورڊ جي راءِ ۾ فرق جو مسئلو حل نه ٿيڻ تي، معاملو چانسيلر ڏانهن اماڻيو ويندو. جنهن جو فيصلو حتمي هوندو.

ماليات ۽ منصوبابندي ڪميٽي

The finance and Planning Committee

9. (1) هڪ فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽي هوندي، جيڪا هيٺين تي مشتمل هوندي:

(a) وائيس چانسيلر، جيڪو چيئرمين هوندو؛

(b) فائونڊيشن جا ٻه نامزد ڪيل؛

(c) بورڊ جو هڪ نامزد ڪيل؛

(d) فنانس ۽ پلاننگ جي ميدان ۾ ماهر ٻه جڻا چانسيلر طرفان نامزد ڪيا ويندا؛

(e) هڪ ڊين چانسيلر طرفان وائيس چانسيلر جي سفارش تي نامزد ڪيو ويندو؛ ۽

(f) يونيورسٽي جو ڊائريڪٽر فنانس ميمبر/سيڪريٽري هوندو.

(2) فانس ۽ پلاننگ ڪميٽي جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم چار ميمبرس هوندو.

**ماليات ۽ منصوبابندي ڪميٽي جا ڪم**
**Functions of the Finance and Planning Committee**

10. فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽي جا ڪم هيٺين ريت هوندا:

(a) ساليانياڪائونٽ اسٽيٽ مينٽ تي غور ڪرڻ ۽ ساليانی ۽ نظرثاني ٽيل بجيٽ ڪاٿن تي غور ڪرڻ ۽ بورڊ کي ان سلسلي ۾ صلاح ڏيڻ.

(b) يونيورسٽي جي مالي بيهڪ جو سلسليوار جائزو وٺڻ.

(c) بورڊ کي پلاننگ، ڊولپمينٽ، فنانس انويسٽمينٽ ۽ يونيورسٽي جي اڪائونس سان لاڳاپيل سمورن معاملن تي صلاح ڏيڻ.

(d) ٿوري مدي ۽ ڊگهي مدي وارا ترقياتي منصوبا تيار ڪرڻ.

(e) اسٽاف ۽ ريسورس ڊولپمينٽ منصوبا تيار ڪرڻ.

(f) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ، جيڪي قانونن ۾ بيان ڪيل هجن.

**الحاق ڪميٽي**
**Affiliation Committee**

11. هڪ الحاق ڪميٽي هوندي، جيڪا هيٺين تي مشتمل هوندي:

(a) وائيس چانسيلر، جيڪو چيئرمين هوندو.

(b) بورڊ جو هڪ ميمبر جيڪو بورڊ طرفان نامزد ڪيو ويندو.

(c) ٻه پروفيسر اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان نامزد ڪيا ويندا.

(2) ايڪس آفيشو ميمبرن کانسواءِ ڪميٽي جي

ميمبرن جي آفيس جو مدو ٻہ سال هوندو.
(3) الحاق ڪميٽي ماهر مقرر ڪندي، جيڪي ٽن کان وڌيڪ نہ هوندا.
(4) الحاق ڪميٽي جي گڏجاڻي يا جاچ جو ڪورم ٽي ميمبر هوندو.
(5) يونيورسٽي جو هڪ عملدار وائيس چانسيلر طرفان ڪميٽي جي سيڪريٽري طور مقرر ڪيو ويندو.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**